آبادگارن جي لاءِ هڪ مفيد تحرير

# عُشر جا اَحڪام

(زمين جي زڪوٰة بابت مسئلا)

سنڌي ترجمو



- عُشر ڪنهن کي چوندا آهن؟
- عُشر ڪڏهن ۽ ڪنهن کي ڏنو وڃي؟
- عُشر ڏيڻ جي فضيلت
- عُشر ڏيڻ جو طريقو
- عُشر ڪهڙي پيداوار تي واجب آهي؟
- دعوت اسلامي جون جهلڪيون

مكتبة المدينة
(دعوت اسلامي)

آبادگارن جي لاءِ هڪ مفيد تحرير

# عُشر جا احڪام

پيشڪش

**المدينة العلميہ** (دعوت اسلامي)

## سنڌي ترجمو

**مجلسِ تراجم** هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي پيشي نظر اچي ته **مجلس تراجم** کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجندؤ.

رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران
پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي
فون نمبر: 021-34921389-90-91
E-mail: majlistarajim@dawateislami.net

# اَلْمَدِينَةُ الْعِلْمِيَّة

از: شيخِ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا
ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دامت بركاتهُمُ العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَلٰي اِحْسَانِهٖ وَبِفَضْلِ رَسُوْلِهٖ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ "دعوت اسلامي" نيڪي جي دعوت، اِحياءِ سنّت ۽ اِشاعتِ علمِ شريعت کي** دنيا ڀر ۾ عام ڪرڻ جو پڪو عزم رکي ٿي، انهن تمام ڪمن کي سهڻي نموني سرانجام ڏيڻ جي لاءِ متعدد مجالس جو قيام عمل ۾ آندو ويو آهي جن مان هڪ مجلس "اَلْمَدِينَةُ الْعِلْمِيَّة" بہ آهي جيڪا **دعوتِ اسلامي جي عالمن ۽ مفتيانِ ڪرام** ڪَثَّرَهُمَ اللّٰه تعالٰي تي مشتمل آهي جنهن خالص علمي، تحقيقي ۽ اِشاعتي ڪم جي ذميداري ڪنئي آهي . ان جا هيٺ ڏنل ڇهہ شعبا آهن:

(1) **شعبهءِ ڪُتُبِ اعليٰ حضرت** رحمة الله تعاليٰ عليه (2) **شعبهءِ درسي ڪُتُب**

(3) **شعبهءِ اِصلاحي ڪُتُب** (4) **شعبهءِ تراجمِ ڪُتُب**

(5) **شعبهءِ تفتيشِ ڪُتُب** (6) **شعبهءِ تَخرِيج**

"اَلْمَدِينَةُ الْعِلْمِيَّة" جي پهرين ترجيح سرڪارِ اعليٰ حضرت، عظيم البرڪت، عظيم المَرتبت، پروانهءِ شمعِ رسالت، مُجَدِّدِ دين و ملت، حامي سنّت، ماحي بدعت، عالمِ شريعت، پيرِ طريقت، باعث خير و برڪت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشّاھ

امام احمد رضا خان عَلَيهِ رَحمةُ الرَّحمٰن جي شاهڪار تصنيفن ڪي موجوده زماني جي تقاضن جي مطابق حتي الوُسع آسان اُسلوب ۾ پيش ڪرڻ آهي. تمام اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هن علمي تحقيقي ۽ اِشاعتي مدني ڪم ۾ هر ممڪن تعاون فرمائن ۽ مجلس جي طرفان شايع ٿيڻ وارن ڪتابن جو پاڻ به مطالعو فرمائن ۽ ٻين کي به انهن جي ترغيب ڏيارين .

الله عَزَّوَجَلَّ "دعوتِ اسلامي" جي سيني مجلسن بشمول "اَلمَدينةُ العِلمِيّة" کي ڏينهن ٻارهين ۽ رات ٻارهين ترقي عطا فرمائي ۽ اسان جي هر عملِ خير کي اخلاص جي زيور سان سينگاري ڪري ٻنهي جهانن جي ڀلائيءَ جو سبب بڻائي. اسان کي زير گنبدِ خضرا شهادت، جنّتُ البَقِيع ۾ مَدفن ۽ جنّت الفِردوس ۾ جڳهه نصيب فرمائي .

اٰمين بجاہِ النّبيِّ الامين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



رَمضَانُ المُبَارڪ1425ھ

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| عشر جو بيان | 1 | عشر اڳوات ادا ڪرڻ | 13 |
| عشر جا فضائل | 2 | ميوو ظاهر ٿيڻ ۽ فصل تيار هجڻ مان مراد | 14 |
| عشر ادا نہ ڪرڻ جو وبال | 3 | پيداوار وڪڻي ڇڏي تہ عشر ڪنهن تي آهي؟ | 14 |
| ڪهڙي پيداوار تي عشر واجب آهي؟ | 5 | عشر جي ادائگي ۾ دير | 15 |
| ماکي جي پيداوار تي عشر | 7 | عشر ادا ڪرڻ کان پهرين پيداوار | 16 |
| ڪهڙي پيداوار تي عشر واجب ناهي؟ | 7 | جو استعمال | |
| عشر واجب ٿيڻ جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ مقدار | 8 | عشر ڏيڻ کان پهرين انتقال ڪري ويو تہ؟ | 16 |
| پاڳل ۽ نابالغ تي عشر | 8 | عشر ۾ رقم ڏيڻ | 16 |
| قرضدار تي عشر | 8 | جيڪڏهن طويل عرصي کان عشر | 17 |
| شرعي فقير تي عشر | 9 | ادا نہ ڪيو هجي تہ؟ | |
| عشر جي لاءِ سال گذرڻ شرط آهي يا نہ؟ | 9 | جيڪڏهن فصل ئي نہ پوکي تہ؟ | 17 |
| مختلف زمينن جو عشر | 9 | فصل ضايع ٿيڻ جي صورت ۾ عشر | 17 |
| نيڪي جي زمينن جو عشر | 10 | عشر ڪنهن کي ڏنو وڃي ؟ | 18 |
| جيڪڏهن پاڻ فصل نہ پوکي تہ عشر | 11 | وضاحت | 18 |
| ڪنهن تي آهي؟ | | جن کي عشر نتو ڏيئي سگهجي | 22 |
| گڏيل زمين جو عشر | 12 | مسجد جي امام کي عشر ڏيڻ | 23 |
| گهريلو پيداوار تي عشر | 12 | خزان جون فصلون، سبزيون ۽ ميوا | 24 |
| عشر جي ادائگي کان پهرين اخراجات | 12 | سياري جون فصلون،سبزيون ۽ ميوا | 25 |
| الڳ ڪرڻ | | دعوت اسلامي سان تعاون ڪريو | 26 |
| عشر جي ادائگي | 13 | دعوت اسلامي جون جهلڪيون | 27 |

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# عُشر جا اَحڪام

## درود پاڪ جي فضيلت

رحمتِ عالم، نور مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن انهي جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب کان جلدي نجات حاصل ڪرڻ وارو اُهو شخص هوندو جنهن توهان مان مون تي دنيا ۾ ڪثرت سان درود شريف پڙهيا هوندا.“ (فردوس الاخبار، الحديث 8210، ج 2، ص 471)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عُشر جو بيان

**سوال**: عُشر ڪنهن کي چوندا آهن؟

**جواب**: زمين مان نفعو حاصل ڪرڻ جي غرض سان پوکي ويندڙ فصل جي پيداوار تي جيڪا زڪوٰة ادا ڪئي ويندي آهي اُنهي کي عُشر چوندا آهن.

(الفتاويٰ الهنديه، ڪتاب الزڪوٰة الباب السادس ج ١ ص 18 ملخصا)

**سوال**: زمين جي زڪوٰة کي عُشر چو ٿا چون؟

**جواب**: زمين جي پيداوار جو عام طور تي ڏهون (1/10) حصو زڪوٰة جي طور تي ڏنو ويندو آهي انهي ڪري ان کي عُشر (يعني ڏهون حصو) چوندا آهن.

# عُشر جا فضائل

**سوال**: عُشر ڏيڻ جي ڪهڙي فضيلت آهي؟

**جواب**: عشر جي ادائگي ڪرڻ وارن کي آخرت جي انعامن جي بشارت (يعني خوشخبري) آهي جيئن تہ قرآن پاڪ ۾ اللّٰه تعالٰي ارشاد فرمائي ٿو:

وَمَآ اَنۡفَقۡتُمۡ مِّنۡ شَیۡءٍ فَهُوَ یُخۡلِفُهٗ ۚ وَهُوَ خَیۡرُ الرّٰزِقِیۡنَ ﴿۳۹﴾ (پ 22 سبا: 39)

**ترجمو ڪنزالايمان**: ۽ جيڪا شيءِ توهان اللّٰه جي واٽ ۾ خرچ ڪريو اهو ان جي بدلي ۾ ڏيندو اهو سڀ کان بهتر رزق ڏيڻ وارو آهي.

سورةُ البَقره ۾ آهي:

مَثَلُ الَّذِیۡنَ یُنۡفِقُوۡنَ اَمۡوَالَهُمۡ فِیۡ سَبِیۡلِ اللّٰهِ كَمَثَلِ حَبَّةٍ اَنۡۢبَتَتۡ سَبۡعَ سَنَابِلَ فِیۡ كُلِّ سُنۡۢبُلَةٍ مِّائَةُ حَبَّةٍ ؕ وَاللّٰهُ یُضٰعِفُ لِمَنۡ یَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِیۡمٌ ﴿۲۶۱﴾ اَلَّذِیۡنَ یُنۡفِقُوۡنَ اَمۡوَالَهُمۡ فِیۡ سَبِیۡلِ اللّٰهِ ثُمَّ لَا یُتۡبِعُوۡنَ مَاۤ اَنۡفَقُوۡا مَنًّا وَّلَاۤ اَذًى ۙ لَّهُمۡ اَجۡرُهُمۡ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ ۚ وَلَا خَوۡفٌ عَلَیۡهِمۡ وَلَا هُمۡ یَحۡزَنُوۡنَ ﴿۲۶۲﴾

**ترجموڪنزالايمان**: انهن جو مثال جيڪي پنهنجو مال اللّٰه جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آهن ان داڻي وانگر جنهن ڇمايا ست سنگ هر سنگ ۾ سؤ داڻا، اللّٰه ان کان بہ زياده وڌائي ٿو جنهن لاءِ گهري، اللّٰه وسعت وارو علم وارو آهي. جيڪي مال اللّٰه جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آهن پوءِ ڏني پٺيان نہ ٿورو ڄاڻائن ۽ نہ تڪليف ڏين انهن جو اُجورو سندن رب وٽ آهي ۽ انهن کي نہ تہ ڪو ڊپ هجي نہ ڪو غم. (پ3البقره:262،261)

سرور عالم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بہ اُمت جي ترغيب جي لاءِ ڪيترين جڳهين تي خدا عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ جا ڪيترائي فضائل بيان ڪيا آهن: جيئن تہ حضرت سيِّدنا حسن رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم، رؤف

رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”زڪوٰة ڏئي ڪري پنهنجي مال کي مضبوط قلعن ۾ ڪري وٺو ۽ پنهنجي بيمارن جو علاج صدقي سان ڪريو ۽ بلا نازل ٿيڻ تي دعا ۽ تَضَرُّع (يعني آھ ۽ زاري) کان اِسۡتِعانت (يعني مدد طلب) ڪريو.

(مراسيل ابي داؤد مع سنن ابي داؤد، باب في الصائم ص 8)

۽ حضرت سيِّدنا جابر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي ته نبي پاڪ، صاحب لولاڪ، سياحِ افلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جنهن پنهنجي مال جي زڪوٰة ادا ڪري ڇڏي، بيشڪ الله تعاليٰ انهي کان شر پري فرمائي ڇڏيو.“

(المعجم الاوسط،باب الالف،الحديث 1579 ج 1 ص 431)

## عُشر ادا نہ ڪرڻ جو وبال

**سوال**: عُشر ادا نہ ڪرڻ جو ڪهڙو وبال آهي؟

**جواب**: عُشر ادا نہ ڪرڻ واري جي لاءِ قرآن پاڪ ۽ حديثن مبارڪن ۾ سخت وعيدون آيون آهن. جيئن ته الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ لَا یَحۡسَبَنَّ الَّذِیۡنَ یَبۡخَلُوۡنَ بِمَاۤ اٰتٰهُمُ اللّٰهُ مِنۡ فَضۡلِهٖ هُوَ خَیۡرًا لَّهُمۡ ؕ بَلۡ هُوَ شَرٌّ لَّهُمۡ ؕ سَیُطَوَّقُوۡنَ مَا بَخِلُوۡا بِهٖ یَوۡمَ الۡقِیٰمَةِ (پ 4 آل عمران: 180)

**ترجمو ڪنزالايمان**: ۽ جيڪي بخل ڪندا آهن ان شيءِ ۾ جيڪا الله انهن کي پنهنجي فضل سان ڏني آهي ان کي هرگز ستو نہ سمجهن بلڪ اهو انهن لاءِ بڇڙو آهي جنهن ۾ بخل ڪيائين سگهو ئي اهو قيامت جي ڏينهن انهن جي ڳچي جو ڳٽ هوندو.

حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي تہ

مڪي مدني سرڪار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جنهن کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مال ڏئي ۽ اُهو اُن جي زڪوٰة ادا نہ ڪري تہ قيامت جي ڏينهن اُهو مال گنجي نانگ جي صورت ۾ ڪيو ويندو جنهن جي مٿي تي ٻہ چٽيون هونديون (يعني ٻہ نشان هوندا) اُهو نانگ اُنهي جي ڳچي ۾ طوق بڻائي ڪري وڌو ويندو، پوءِ اُنهي زڪوٰة نہ ڏيڻ واري جون واڇون جهليندو ۽ چوندو: آئون تنهنجو مال آهيان، آئون تنهنجو خزانو آهيان. اُنهي ڪان پوءِ نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هِن آيت جي تلاوت فرمائي:

وَ لَا یَحْسَبَنَّ الَّذِیْنَ یَبْخَلُوْنَ بِمَاۤ اٰتٰهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ هُوَ خَیْرًا لَّهُمْ ؕ بَلْ هُوَ شَرٌّ لَّهُمْ ؕ سَیُطَوَّقُوْنَ مَا بَخِلُوْا بِهٖ یَوْمَ الْقِیٰمَةِ ؕ (پ 4 آل عمران: 180)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪي بخل ڪندا آهن ان شيءِ ۾ جيڪا الله انهن کي پنهنجي فضل سان ڏني آهي ان کي هرگز سٺو نہ سمجهن بلڪ اهو انهن لاءِ بڇڙو آهي جنهن ۾ بخل ڪيائين سگهو ئي اهو قيامت جي ڏينهن انهن جي ڳچي جو ڳٽ هوندو.

(صحيح البخاري ڪتاب الزڪوٰة باب اثم مانع الزڪوٰة حديث 1403 ج 1 ص 474)

حضرتِ سيدنا بُرَيده رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ سرڪار مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جيڪا قوم زڪوٰة نہ ڏيندي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اُنهي کي ڏُڪار ۾ مبتلا فرمائيندو.“ (المعجم الاوسط الحديث 4577 ج 3 ص 275)

حضرتِ سيدنا اميرالمؤمنين عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم، رءُوف رَّحيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

جن ارشاد فرمايو: ”خشڪي ۽ تري ۾ جيڪو مال ضايع ٿئي ٿو، اُهو زڪوٰة نہ ڏيڻ جي ڪري ضايع ٿئي ٿو.“

(ڪنزالعمال،ڪتاب الزڪوٰة،الفصل الثاني في ترهيب مانع الزڪوٰة الحديث 15803 ج 6 ص131)

## ڪهڙي پيداوار تي عُشر واجب آهي ؟

**سوال**: زمين جي ڪهڙي پيداوار تي عُشر واجب آهي؟

**جواب**: جيڪي شيون اهڙيون هجن جو انهن جي پيداوار سان زمين جو نفعو حاصل ڪرڻ مقصد هجي يعني اُهو اَنُ، اناج ۽ ميوا فروٽ هجي يا سبزيون وغيره مثلاً اناج ۾ ڪڻڪ، جوَ، چانور، ڪمند، ڪپهہ، جوار، ساريون (چانور)، باجهر، ڪاجا، مڪئي، ۽ سورج مُکي، رائي (يعني آهر)، سرنهن ۽ لوسڻ وغيره.

ميون ۾ گِدرو، انب، زيتون، مالٽو، لوڪاٺ، صوف، چيڪو، ڏاڙهون، ناسپاتي، جاپاني ميوو، نارنگي، پپيتو، ۽ ناريل، چانهين، ڦاروا، جمون، ليچي، ليمون، زردالو، آڙو، ڪجي، آلو بخارو، سردو، اناس، انگور ۽ آلوچہ (آلو بخاري جهڙو هڪ کٽو ميوو) وغيره.

سبزين ۾ ونگا، ميها، ڪريلا، پيندي، توري، پٽاٽا، ٽماٽا، ول توري، ساوا مرچ، شُملا مرچ، ڦودنو، ڪيرو ۽ اروي، توريو، گل گوبي، بند گوبي، شلجم، گجر، چقندر، مٽر، بصر، ٿوم، پالڪ، ڏاٽا ۽ مختلف قسم جا ساڳ ۽ ميٿي ۽ وانگڻ وغيره[1].

انهن سيني جي پيداوار مان عُشر (يعني ڏهون حصو) يا نصف

---

1 موسم جي اعتبار سان فصلن، ميون ۽ سبزين جي تفصيل صفحي 27 تي ملاحظہ فرمايو.

عُشر (يعني ڏهون حصو) واجب آهي.

(الفتاوي الهنديہ ڪتاب الزڪوٰة الباب السادس، ج 1 ص 186)

الله تعاليٰ سورۃُ الانعام ۾ فرمايو:

وَاٰتُوْا حَقَّهٗ يَوْمَ حَصَادِهٖ ۖ

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ان جو حق ادا ڪيو ان جي ڪٽائي واري ڏينهن (پ 8 الانعام:142)

امامِ اهلسنّت مُجَدِّدِ دين و ملت، پروانہ شمع رسالت، الشاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن لکن ٿا: اڪثر مُفسّرين مثلاً حضرت ابنِ عباس، طاؤس، حسن، جابر بن زيد ۽ سعيد بن المُسَيَّب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم جي ويجهو انهي حق مان مراد عُشر آهي.

(فتاويٰ رضويہ ڪتاب الزڪوٰة ج 10 ص 65)

نبي ڪريم، رءوف رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”هر أنهي شيء ۾ جنهن کي زمين ڪڍيو، (انهي ۾ عُشر يا نصف عشر آهي.“

(ڪنزالعمال ڪتاب الزڪوٰة باب زڪوٰة النبات والفواڪہ الحديث 15873 ج 6 ص140)

حضرتِ سيدنا جابر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ بيان ڪن ٿا تہ رسول اڪرم، نور مُجَسَّم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جن زمينن کي دريا يا بارش سيراب ڪري انهن ۾ عُشر (يعني ڏهون حصو ڏيڻ واجب) آهي ۽ جيڪي زمينون أُنَ جي وسيلي سيراب ڪيون وڃن انهن ۾ نصف عُشر (يعني ويهون حصو واجب) آهي.“ (صحيح مسلم، ڪتاب الزڪوٰة، باب ما فيہ العشر او نصف عشر، الحديث981، ص 488)

**سوال:** نصف عُشر مان ڇا مراد آهي؟

**جواب:** نصف عشر مان مراد ويهون حصو 1/20 آهي.

(بهار شريعت حصو 5 ص 15)

## ماڪي جي پيداوار تي عُشر

**سوال:** عشري زمين ۾ جيڪا ماڪي پيدا ٿئي ٿي ڇا اُنهي تي به عشر ڏيڻو پوندو؟

**جواب:** جي ها. (الفتاوي الهنديہ ڪتاب الزڪوٰة،الباب السادس، ج 1،ص 186)

## ڪهڙي پيداوار تي عُشر واجب ناهي؟

**سوال:** ڪهڙن فصلن تي عشر واجب ناهي؟

**جواب:** جيڪي شيون اهڙيون هجن جو انهن جي پيداوار مان زمين جو نفعو حاصل ڪرڻ مقصد نہ هجي اُنهن ۾ عُشر ناهي جئين ٻارڻ، گاهہ، بيد، لاٽو، لئي جو وڻ، ڪجور جا پن وغيره، ان کان علاوه هر قسم جي سبزين ۽ ميون جا ٻج جو انهن جي پوک سان ميوا سبزيون مقصد هونديون آهن ٻج مقصد ناهن هوندا ۽ جيڪي ٻج دوا جي طور تي استعمال ٿين ٿا مثلاً کُندر، ميٿي ۽ ڪلونجي، وغيره جا ٻج، انهن ۾ بہ عُشر ناهي. اهڙي ئي طرح اُهي شيون جيڪي زمين جي تابع هجن جئين وڻ ۽ جيڪا شيء وڻ مان نڪري جئين ڪؤنر انهي ۾ عُشر واجب ناهي.

البت جيڪڏهن گاهہ، لاٽو، بيد، لئي جو وڻ (جهاؤ) (جنهن مان توڪريون ناهيون وڃن ٿيون) وغيره مان زمين جو نفعو حاصل ڪرڻ مقصد هجي ۽ زمين انهن جي لاءِ خالي ڇڏي ڏني تہ انهن ۾ بہ عُشر واجب آهي. ڪپهہ ۽ وانگڻ جي ٻوٽن ۾ عُشر ناهي

پر انهن مان حاصل ڪيهه ۽ وانگڻ جي پيداوار ۾ عُشر آهي.

(درمختار، ڪتاب الزڪوٰة باب العشر ج 3 ص 315، الفتاويٰ الهنديہ ڪتاب الزڪوٰة، الباب السادس في زڪوٰة زرع، ج 1 ص 186)

## عُشر واجب ٿيڻ جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ مقدار

**سوال**: عُشر واجب ٿيڻ جي لاءِ اناج، ميوي ۽ سبزين جي گهٽ ۾ گهٽ ڪيتري مقدار هجڻ ضروري آهي؟

**جواب**: عُشر واجب ٿيڻ جي لاءِ انهن جي ڪا مقدار مقرر ناهي بلڪ زمين مان اناج، ميوي ۽ سبزين جي جيتري پيداوار بہ حاصل ٿئي اُنهي تي عُشر يا نصف عُشر ڏيڻ واجب ٿيندو.

(الفتاويٰ الهنديہ المرجع السابق)

## پاڳل ۽ نابالغ تي عُشر

**سوال**: جيڪڏهن انهن جي پيداوار جو مالڪ پاڳل ۽ نابالغ هجي تہ اُنهي کي بہ عُشر ڏيڻو پوندو؟

**جواب**: عُشر جيئن تہ زمين جي پيداوار تي ادا ڪيو ويندو آهي تنهنڪري جيڪو بہ انهي پيداوار جو مالڪ هوندو اُهو عُشر ادا ڪندو يلي اُهو مجنون (يعني پاڳل) ۽ نابالغ ئي چو نہ هجي.

(الفتاويٰ الهنديہ، ڪتاب الزڪوٰة،الباب السادس في زڪوٰة زرع، ج 1 ص185 ملخصاً)

## قرضدار تي عُشر

**سوال**: چا قرضدار کي عُشر معاف آهي؟

**جواب**: قرضدار کي عُشر معاف ناهي، انهي لاءِ جيڪڏهن قرض وٺي ڪري زمين خريد ڪئي هجي يا آبادگار پهرين کان قرضدار

هجي يا قرض وٺي ڪري پوک ڪئي هجي انهن سڀني صورتن ۾ قرضدار تي بہ عُشر واجب آهي.

(الدرمختار و ردالمحتار ڪتاب الزڪوٰة باب العشر ج 3 ص 314)

علامہ عالم بن علاء الانصاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ ”زڪوٰة جي برعڪس عُشر قرضدار تي بہ واجب ٿيندو آهي.“

(فتاوي تاتار خانيہ ڪتاب العشر ج 2 ص 330)

## شرعي فقير تي عُشر

**سوال**: ڇا شرعي فقير تي بہ عُشر واجب ٿيندو؟

**جواب**: جي ها، شرعي فقير تي بہ عُشر واجب آهي ڇاڪاڻ تہ عُشر واجب ٿيڻ جو سبب زمين نامي (يعني پوک جي قابل هجڻ) سان حقيقت ۾ پيداوار جو ٿيڻ آهي، انهي ۾ مالڪ جي غني يا فقير هجڻ جو ڪو اعتبار ناهي.

(ماخوذ العناية والڪفاية، ڪتاب الزڪوٰة، باب زڪوٰة الزرع، ج 2، ص188)

## عُشر جي لاءِ سال گذرڻ شرط آهي يا نہ؟

**سوال**: ڇا عُشر واجب ٿيڻ جي لاءِ سال گذرڻ شرط آهي؟

**جواب**: عُشر واجب ٿيڻ جي لاءِ پورو سال گذرڻ شرط ناهي بلڪ سال ۾ هڪ ئي فصل مان ڪجهہ ڀيرا پيداوار ٿي تہ هر ڀيري عُشر واجب آهي.

(الدرمختار و ردالمحتار،ڪتاب الزڪوٰة، باب العشر،ج 3، ص 313)

## مختلف زمينن جو عُشر

**سوال**: مختلف زمينن کي سيراب (يعني آباد) ڪرڻ جي لاءِ الگ

الڳ طريقا استعمال ڪيا ويندا آهن، ته ڇا هر قسم جي زمين ۾ عُشر (يعني ڏهون حصو ئي) واجب هوندو؟

**جواب**: انهي سلسلي ۾ قاعدو هي آهي ته

* جيڪا ٻني برسات، نهر، ندي جي پاڻي سان (قيمت ادا ڪرڻ کان بغير) سيراب ڪئي وڃي، انهي ۾ عُشر يعني ڏهون حصو واجب آهي.

* جنهن ٻني جي آبپاشي ڏول (يا پنهنجي ٽيوب ويل) وغيره سان هجي، اُنهي ۾ نصف عشر يعني ويهون حصو واجب آهي.

* جيڪڏهن (ندي يا ٽيوب ويل وغيره جو) پاڻي خريد ڪري آبپاشي ڪئي هجي يعني اُهو پاڻي ڪنهن جي ملڪيت آهي اُنهي کان خريد ڪري آبپاشي ڪئي، تڏهن به نصف عُشر واجب آهي.

* جيڪڏهن اُها ٻني ڪجهه ڏينهن بارش جي پاڻي سان سيراب ڪئي ويندي آهي ۽ ڪجهه ڏول (يا پنهنجي ٽيوب ويل) وغيره سان ته جيڪڏهن اڪثر برسات جي پاڻي سان ڪم ورتو وڃي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڏول (يا پنهنجي ٽيوب ويل) وغيره سان ته عُشر واجب آهي نه ته نصف عُشر واجب آهي.

(درمختارو ردالمحتار، ڪتاب الزڪوٰة، باب العشر، ج3، ص316)

## مقاطعي جي زمينن جو عُشر

**سوال**: ڇا مقاطعي (يعني ٺيڪي) تي ڏني وڃڻ واري زمين جي پيداوار تي به عُشر ٿيندو؟

**جواب**: جي ها، نيڪي تي ڏني ويندڙ زمين جي پيداوار تي بہ عشر ٿيندو .

**سوال**: اِهو عشر ڪير ادا ڪندو؟

**جواب**: اِنهي عشر جي ادائگي آبادگار تي واجب ٿيندي.

(ردالمحتار،ڪتاب الزڪوٰة، باب العشر، ج 3 ص 314)

## جيڪڏهن پاڻ فصل نہ پوکي تہ عشر ڪنهن تي آهي؟

**سوال**: جيڪڏهن زمين جو مالڪ پاڻ ٻني ٻاري ۾ حصو نہ وٺي بلڪ هارين کان ڪم وٺي تہ عُشر پوکيندڙ (هاري) تي ٿيندو يا زمين جي مالڪ تي؟

**جواب**: انهي سلسلي ۾ ڏٺو ويندو تہ جيڪڏهن هاري مان مراد اُهو آهي جيڪو زمين بٽائي (يعني حصيداري) تي وٺي ٿو يعني پيداوار مان اڌ يا ٽيون حصو وغيره زمين جي مالڪ جو ۽ بقايا هاري جو هجي تہ ان صورت ۾ ٻنهي تي اُنهن جي حصي جي مطابق عشر واجب ٿيندو. صدرُالشَّريعہ، بدرُالطَّريقہ، مولانا امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي بهار شريعت ۾ فرمائن ٿا: ”عُشري زمين بٽائي (يعني حصيداري) تي ڏني تہ عُشر ٻنهي تي آهي“.

(بهار شريعت،ج 5، ص 54)

۽ جيڪڏهن هاري مان مراد اُهو آهي تہ جنهن کي زمين جي مالڪ زمين اِجاري تي ڏني مثلاً في ايڪڙ پنجاهہ 50 هزار روپيہ تہ انهي صورت ۾ عُشر هاري تي ٿيندو، زمين جي مالڪ تي نہ. (ماخوذ از بدائع الصنائع ج 2 ص 84)

## مشترڪ زمين جو عُشر

**سوال**: جيڪا زمين ڪنهن جي مشترڪ ملڪيت هجي تہ عُشر ڪير ادا ڪندو؟

**جواب**: عشر جي ادائگي ۾ زمين جو مالڪ هجڻ شرط ناهي، بلڪ پيداوار جو مالڪ هجڻ شرط آهي انهي لاءِ جيڪو جيتري پيداوار جو مالڪ هوندو اُهو اُنهي پيداوار جو عُشر ادا ڪندو. فتاويٰ شامي ۾ آهي تہ ”عُشر واجب ٿيڻ جي لاءِ زمين جو مالڪ هجڻ شرط ناهي بلڪ پيداوار جو مالڪ هجڻ شرط آهي ڇاڪاڻ تہ عُشر پيداوار تي واجب ٿئي ٿو نہ تہ زمين تي، ۽ زمين جو مالڪ هجڻ يا نہ هجڻ ٻئي برابر آهي.“

(رد المحتار،ڪتاب الزڪوٰة،باب العشر، ج 3 ص 314)

## گهريلو پيداوار تي عُشر

**سوال**: گهر يا قبرستان ۾ جيڪا پيداوار ٿئي اُنهي تي عُشر ٿيندو يا نہ؟

**جواب**: گهر يا قبرستان ۾ جيڪا پيداوار ٿئي، انهي ۾ عُشر واجب ناهي.

(الدرمختار،ڪتاب الزڪوٰة، مطلبهم في حڪم اراضي مصر والشام السلطانية، ج 3، ص 320)

## عُشر جي ادائگي کان پهرين خرچ الگ ڪرڻ

**سوال**: ڇا عشر ڪُل پيداوار مان ادا ڪيو ويندو يا خرچ وغيره ڪڍي ڪري بقيہ پيداوار مان ادا ڪيو ويندو؟

**جواب:** جنهن پيداوار ۾ عُشر يا نصف عُشر واجب هجي، اُنهي ۾ ڪُل پيداوار جو عُشر يا نصف عشر ورتو ويندو . ائين ناهي تہ جو بني باري، هَر، ڏِڳن، حفاظت ڪرڻ وارن ۽ ڪم ڪرڻ وارن جي اُجرت (مزوري) يا ٻج، پاڻ ۽ دوائون وغيره جا خرچ ڪڍي ڪري باقي جو عشر يا نصف عشر ڏنو وڃي. (الدرالمختار و ردالمحتار،ڪتاب الزڪوٰة، مطلبهم في حڪم اراضي مصر والشام السلطانية ج 3 ص 317)

**سوال:** حڪومت ڪي جيڪو مالگُذاري ٽيڪس ڏنو ويندو آهي ڇا اُنهي کي بہ پيداوار مان نہ ڪڍيو ويندو؟

**جواب:** جي نہ، انهي مالگُذاري ٽيڪس کي بہ پيداوار مان الڳ نہ ڪيو ويندو، بلڪ انهي کي بہ شامل ڪري عُشر جو حساب لڳايو ويندو.

## عُشر جي ادائگي

**سوال:** عُشر ڪڏهن ادا ڪرڻو آهي؟

**جواب:** جڏهن پيداوار حاصل ٿي وڃي يعني فصل پچي وڃي يا ميوا نڪري اچن ۽ نفعو کڻڻ جي قابل ٿي وڃن تہ عُشر واجب ٿي ويندو، فصل ڪٽڻ يا ميوو توڙڻ کان پوءِ حساب لڳائي ڪري عشر ادا ڪرڻو پوندو. الدرالمختار و ردالمحتار ڪتاب الزڪوٰة باب العشر مطلب مهم في حڪم اراضي....الخ ج 3 ص 321)

## پيشگي عُشر ادا ڪرڻ

**سوال:** ڇا عُشر پيشگي (يعني اڳوات) ادا ڪري سگهجي ٿو؟

**جواب:** اُن جون ڪجهہ صورتون آهن:

1. جڏهن فصل تيار ٿي وڃي تہ اُنهي جو عُشر اڳواٽ ڏيڻ جائز آهي.

2. فصل پوکڻ ۽ ظاهر ٿيڻ کان پوءِ ادا ڪيو تہ بہ جائز آهي.

3. جيڪڏهن پوکڻ کان پوءِ ۽ ظاهر ٿيڻ کان اڳ ۾ ادا ڪيو تہ اظهر (يعني وڌيڪ ظاهر) هي آهي تہ اڳواٽ ادا ڪرڻ جائز ناهي.

4. ميون جي ظاهر ٿيڻ کان پهرين ڏنو تہ اڳواٽ ڏيڻ جائز ناهي ۽ ظاهر ٿيڻ کان پوءِ ڏنو تہ جائز آهي.

(فتاويٰ عالمگيري ڪتاب الزڪوٰة ج 1 ص 186)

**مدينہ:** جيتوڻيڪ جو ذڪر ڪيل ڪجهہ صورتن ۾ اڳواٽ عُشر ادا ڪرڻ جائز آهي، پر افضل هي آهي تہ پيداوار حاصل ٿيڻ کان پوءِ عشر ادا ڪيو وڃي. (البحرالرائق ڪتاب الزڪوٰة ج 2 ص 392)

## ميوا ظاهر ٿيڻ ۽ فصل تيار ٿيڻ مان مراد

**سوال:** ميوو ظاهر ٿيڻ ۽ فصل تيار ٿيڻ مان ڇا مراد آهي؟

**جواب:** انهي مان مراد هي آهي تہ فصل ايتري تيار هجي ۽ ميوا ايترا پچي وڃن جو انهن جي خراب ٿيڻ يا سُڪي وڃڻ وغيره جو خدشو نہ رهي باوجود ان جي جو ٽوڙڻ يا ڪٽڻ جي قابل نہ ٿيا هجن. (ماخوذ از: فتاويٰ رضويہ ج 10 ص 241)

## پيداوار وڪٽي ڇڏي تہ عُشر ڪنهن تي آهي؟

**سوال:** ميوو ظاهر ٿيڻ ۽ فصل تيار ٿيڻ کان پوءِ ميوا وڪٽيا تہ عُشر وڪڻڻ واري تي ٿيندو يا خريد ڪرڻ واري تي؟

**جواب**: اهڙي صورت ۾ عُشر وڪڻڻ واري تي ٿيندو .

(ماخوذ از فتاويٰ رضويه ج 10 ص 241)

## عُشر جي ادائگي ۾ دير ڪرڻ

**سوال**: عُشر ادا ڪرڻ ۾ تاخير (يعني دير) ڪرڻ ڪيئن؟

**جواب**: عُشر پيداوار جي زڪوٰة جو نالو آهي انهي لاءِ جيڪي حڪم زڪوٰة جي ادائگي جا آهن، اُهي ئي حڪم عُشر جي ادائگي جا بہ آهن. انهي لاءِ مجبوري کان سواءِ اِنهي جي ادائگي ۾ دير ڪرڻ وارو گنهگار آهي ۽ انهي جي شهادت (يعني گواهي) مقبول ناهي. (الفتاويٰ الهنديہ ڪتاب الزڪوٰة الباب الاول ج 1 ص 170)

**سوال**: جيڪڏهن ڪو عُشر واجب هجڻ جي باوجود ادا نہ ڪري تہ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب**: ”جيڪو خوشي سان عُشر نہ ڏي تہ بادشاهِ اسلام جبراً (يعني زبردستي) اُنهي کان عُشر وٺي سگهي ٿو ۽ انهي صورت ۾ بہ عُشر ادا ٿي ويندو پر ثواب جو مستحق ناهي ۽ خوشي سان ادا ڪري تہ ثواب جو مستحق آهي.“

(الفتاويٰ الهنديہ ڪتاب الزڪوٰة الباب السادس في زڪوٰة الزرع و الثمار ج 1 ص 185)

**مدينہ**: ياد رهي تہ زبردستي عشر وصول ڪرڻ بادشاهِ اسلام ئي جو ڪم آهي عام ماڻهن کي اِهو اختيار حاصل ناهي. اهڙي صورتِ حال ۾ اُن کي عُشر ادا ڪرڻ جي ترغيب ڏني وڃي ۽ رب تعاليٰ جي ناراضگي جو احساس ڏياريو وڃي. اهڙن ماڻهن کي هي رسالو پڙهڻ جي لاءِ تحفي ۾ پيش ڪرڻ بہ بيحد مفيد

ٿيندو، ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ .

## عُشر ادا ڪرڻ کان پهرين پيداوار جو استعمال

**سوال**: ڇا عُشر ادا ڪرڻ کان پهرين پيداوار استعمال ڪري سگهجي ٿي يا نہ؟

**جواب**: جيستائين عُشر ادا نہ ڪري ڇڏي يا پيداوار مان عُشر الڳ نہ ڪري وٺي، اُن وقت تائين پيداوار مان ڪجهہ بہ استعمال ڪرڻ جائز ناهي ۽ جيڪڏهن استعمال ڪري ورتو تہ اُنهي ۾ جيڪا عُشر جي مقدار بڻجي ٿي اوترو تاوان (يعني ڏنڊ) ادا ڪري البت ٿورو استعمال ڪيو تہ معاف آهي.

(الدر المختارورد المحتار، ڪتاب الزڪوٰة، مطلبهم في حڪم اراضي مصر الخ ج 3 ص 321،322)

## عُشر ڏيڻ کان پهرين لاڏاڻو ڪري ويو تہ؟

**سوال**: جنهن تي عُشر واجب هجي ۽ اُهو لاڏاڻو ڪري وڃي ۽ پيداوار بہ موجود آهي تہ ڇا انهيءَ مان عُشر ڏنو ويندو؟

**جواب**: اهڙي صورت ۾ جيڪڏهن پيداوار موجود هجي تہ انهي پيداوار مان عُشر ڏنو ويندو.

(الفتاوىٰ الهنديہ ڪتاب الزڪوٰة الباب السادس في زڪوٰة الزرع ج 1 ص185)

## عُشر ۾ رقم ڏيڻ

**سوال**: ڇا عُشر ۾ صرف پيداوار ئي ڏيڻي پوندي يا انهي جي قيمت بہ ڏيئي سگهجي ٿي؟

**جواب**: موجوده فصل مان جيتري قدر اناج يا ميوا هجن اُنهن جو

پورو عشرعليحده ڪري يا انهي جي پوري قيمت (عشر جي طور تي) ڏي، ٻنهي طرح سان جائز آهي. (الفتاويٰ المصطفوية ص 298)

## جيڪڏهن وڏي عرصي کان عُشر ادا نہ ڪيو هجي تہ؟

**سوال**: جيڪڏهن ڪيئي سالن کان عُشر ادا نہ ڪيو هجي تہ ڇا ڪيو وڃي؟

**جواب**: عُشر جي ادائگي نہ ڪرڻ تي توبہ ڪري ۽ گذريل سالن جي عُشر جو حساب لڳائي ڪري اِستِطاعت جي مطابق ادا ڪندو رهي . (ماخوذ از الفتاويٰ المصطفوية ص 298)

## جيڪڏهن فصل ئي نہ پوکي تہ؟

**سوال**: جيڪڏهن زراعت تي قادر هجڻ جي باوجود ڪنهن فصل نہ پوکيو تہ ڇا انهي صورت ۾ بہ اُن تي عشر واجب ٿيندو؟

**جواب**: جيڪڏهن ڪنهن زراعت تي قادر هجڻ جي باوجود فصل نہ پوکيو تہ پيداوار نہ هجڻ جي سبب انهي تي عشر جي ادائگي واجب ناهي، ڇاڪاڻ تہ عشر زمين تي نہ، بلڪ اُنهي جي پيداوار تي واجب ٿئي ٿو.

(ردالمحتار ڪتاب الزڪوٰة باب العشر ج 3 ص 323)

## فصل ضايع ٿيڻ جي صورت ۾ عُشر

**سوال**: جيڪڏهن ڪنهن سبب جي ڪري فصل ضايع ٿي ويو تہ عُشر واجب ٿيندو؟

**جواب**: فصل پوکيو پر پيداوار ضايع ٿي وئي مثلاً فصل ٻُڏي ويو يا سڙي ويو يا سردي ۾ لُک (گرم هوا) لڳڻ سان ختم ٿي ويو ته انهن سڀني صورتن ۾ عُشر ساقط آهي، جڏهن ته سڄو ختم ٿي ويو ۽ جيڪڏهن ڪجهه باقي آهي ته اُنهي باقي جو عشر ونندا ۽ جيڪڏهن جانور ڪائي ويا ته (عشر) ساقط ناهي ۽ (عشر) ساقط ٿيڻ جي لاءِ اها به شرط آهي ته ان ڪان پوءِ اِنهي سال جي اندر ان ۾ بي زراعت تيار نه ٿي سگهي ۽ هي به شرط آهي ته توڙڻ يا ڪٽڻ ڪان پهرين تباهه ٿئي نه ته ساقط ناهي.

(ردالمحتار ڪتاب الزڪوٰة ج 3 ص 323)

## عُشر ڪنهن کي ڏنو وڃي؟

**سوال**: عُشر ڪنهن کي ڏنو وڃي؟

**جواب**: عشر جو جو پيداوار جي زڪوٰة جو نالو آهي، انهي ڪري جن کي زڪوٰة ڏئي سگهجي ٿي اُنهن کي عشر به ڏيئي سگهجي ٿو.

(الفتاويٰ الخانيہ،ڪتاب الزڪوٰة،فصل في العشرفي ما يخرج الارض،ج 1، ص 132)

انهن ماڻهن کي زڪوٰة ڏيئي سگهجي ٿي:

1. فقير 2. مسڪين 3. عامل 4. رقاب 5. غارم 6. في سبيل الله 7. ابن السبيل يعني مسافر .

(الفتاويٰ الهنديہ ڪتاب الزڪوٰة الباب السابع في المصارف،ج 1 ص 187)

## وضاحت

**فقير**: اُهو جيڪو مالڪِ نصاب نه هجي. مالڪ نصاب هجڻ مان

مراد هي آهي تہ انهي شخص وٽ ساڍا ست تولا سون، يا ساڍا ٻاونجاهہ تولا چاندي، يا ايتري ماليت جي رقم يا ايتري ماليت جو مالِ تجارت هجي، يا ايتري ماليت جو ضرورياتِ زندگي کان وڌيڪ سامان هجي ۽ انهي تي الله تعاليٰ يا ٻانهن جو ايترو قرض نہ هجي جو جنهن کي ادا ڪري ذڪر ڪيل نصاب باقي نہ رهي. (الفتاويٰ الهنديہ ڪتاب الزڪوٰة الباب السابع في المصارف ج 1 ص187)

**مدينہ:** ضروريات زندگي مان مراد اُهي شيون آهن، جن جي عام طور تي انسان کي ضرورت هوندي آهي ۽ اُنهن کان سواءِ گذر اوقات ۾ شديد تنگي ۽ دشواري محسوس ٿئي ٿي جيئن رهڻ جو گهر، پائڻ جا ڪپڙا، سواري، علم دين جي باري ۾ ڪتاب، ۽ ڌنڌي جي باري ۾ اوزار وغيره. الله تعاليٰ جي قرض مان مراد گذريل زڪوٰة يا قرباني واجب هجڻ جي باوجود نہ ڪرڻ جي صورت ۾ جانور جي قيمت صدقو ڪرڻ آهي.

**مسڪين:** اُهو آهي جنهن وٽ ڪجهہ نہ هجي ايستائين جو اُهو کائڻ ۽ لڳ (بدن) ڍڪڻ جي لاءِ اِن جو محتاج آهي تہ ماڻهن کان سوال ڪري . (المرجع السابق)

**عامل:** اُهو آهي جنهن کي بادشاهِ اسلام زڪوٰة ۽ عُشر وصول ڪرڻ جي لاءِ مقرر ڪيو هجي . (المرجع السابق ص 188)

**مدينہ:** صدرُالشَّريعہ بدرُالطَّريقہ مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحمَۃُ اللهِ القوي بهارِ شريعت ۾ فرمائن ٿا: ”عامل باوجود ان جي جو غني هجي پنهنجي ڪم جي اُجرت وٺي سگهي ٿو ۽ هاشمي

هجي تہ اُنهي ڪي مال زڪوٰة مان ڏيڻ بہ ناجائز ۽ اُن ڪي ونڻ بہ ناجائز، ها جيڪڏهن ڪنهن ٻي مد (يعني ضمن) ۾ ڏين تہ ونڻ ۾ ڪو حرج ناهي. (پر اڄ ڪلهہ شرعي عامل موجود ناهن)
(بهار شريعت حصو 5 ص 57)

**رقاب:** مان مراد مڪاتب غلام آهي. مڪاتب اُنهي غلام ڪي چون ٿا جنهن سان اُن جي آقا (يعني مالڪ) اُنهي جي آزادي جي لاءِ ڪجهہ قيمت ادا ڪرڻ طئي ڪئي هجي. هن زماني ۾ رقاب موجود ناهن. (المرجع السابق)

**غارِم:** سان مراد قرضدار آهي يعني اُن تي ايترو قرض هجي جو اُن ڪي ڪڍڻ ڪان پوءِ زڪوٰة جو نصاب باقي نہ رهي جيتوڻيڪ انهي جو ٻين تي قرض باقي هجي پر ونڻ تي قدرت نہ رکندو هجي. (الدرمختار مع ردالمحتار،ڪتاب الزڪوٰة باب المصرف ج 3 ص 339)

**في سبيل الله:** يعني راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ خرچ ڪرڻ، انهي جون ڪجهہ صورتون آهن.

1. ڪو شخص محتاج آهي ۽ اهو جهاد ۾ وڃڻ چاهي ٿو اُنهي وٽ سواري ۽ زادِ راهہ (يعني سفر جو سامان) ناهي تہ انهي ڪي زڪوٰة جو مال ڏيئي سگهو ٿا ۽ اِهو راهِ خداعَزَّوَجَلَّ ۾ ڏيڻ آهي باوجود ان جي جو اهو ڪمائڻ تي قادر هجي.

2. ڪو حج جي لاءِ وڃڻ چاهي ٿو ۽ اُنهي وٽ زادِ راهہ ناهي اُنهي ڪي زڪوٰة ڏيئي سگهو ٿا پر هُن ڪي حج جي لاءِ ماڻهن ڪان سوال ڪرڻ جائز ناهي .

3. طالبِ علم علمِ دين پڙهي ٿو يا پڙهڻ چاهي ٿو اُنهي کي بہ ڏيئي سگهو ٿا جو اِهو راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ آهي بلڪ طالبِ علم سوال ڪري بہ زڪوٰة جو مال وٺي سگهي ٿو باوجود ان جي جو هُو ڪمائڻ تي قدرت رکندو هجي.

4. اهڙي ئي طرح هر نيڪ ڪم ۾ زڪوٰة جو مال استعمال ڪرڻ في سبيل الله يعني اللهعَزَّوَجَلَّ جي راه ۾ خرچ ڪرڻ آهي. زڪوٰة جي مال (۽ عُشر) ۾ ٻين کي مالڪ ڪري ڇڏڻ ضروري آهي، مالڪ ڪرڻ کان سواءِ زڪوٰة ادا نٿي ٿي سگهي.

(الدرالمختار ڪتاب الزڪواة باب المصرف ج 3 ص335)

**ابن سبيل:** يعني اُهو مسافر (هتي مسافر مان مراد شرعي مسافر آهي ۽ شرعي مسافر اُهو آهي جيڪو تقريباً 92 ڪلو ميٽر سفر ڪرڻ جو ارادو رکندو هجي) جنهن وٽ سفر جي حالت ۾ مال نہ رهيو، اهو زڪوٰة وٺي سگهي ٿو باوجود ان جي جو هن جي گهر ۾ مال موجود هجي پر ايتري مقدار وٺي جنهن سان ان جي ضرورت پوري ٿي وڃي، وڌيڪ جي اجازت ناهي.

(الفتاويٰ الهنديہ،ڪتاب الزڪوٰة، الباب السابع في المصارف ج 1 ص 188)

**مدينہ:** 1. صدرالشَّريعہ،بدرالطَّريقہ مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي بهار شريعت ۾ فرمائن ٿا: ”جن ماڻهن جي نسبت اهو بيان ڪيو ويو آهي تہ انهن کي زڪوٰة ڏيئي سگهو ٿا انهن سيني جو فقير هجڻ شرط آهي سواءِ عامل جي جو ان جي لاءِ فقير هجڻ شرط ناهي ۽ ابن السبيل (مسافر) باوجود ان جي جو

غني هجي اُن وقت فقير جي حڪم ۾ آهي باقي ڪنهن ٻي ڪي جيڪو فقير نہ هجي زڪوٰة نٿا ڏيئي سگهو. (بهارشريعت ح 5 ص 63)

**مدينہ**: 2. زڪوٰة ڏيڻ واري کي اختيار هوندو آهي تہ چاهي تہ عشر کي انهن سڀني ماڻهن ۾ ٿورو ٿورو تقسيم ڪري ڇڏي ۽ جيڪڏهن چاهي تہ ڪنهن هڪ ئي کي ڏيئي ڇڏي. جيڪڏهن زڪوٰة جو مال ايترو آهي جو بقدرِ نصاب ناهي تہ هڪ ئي شخص کي ڏيئي ڇڏڻ افضل آهي ۽ جيڪڏهن بقدر نصاب آهي تہ هڪ ئي شخص کي ڏيئي ڇڏڻ مڪروه آهي، پر زڪوٰة بهرحال ادا ٿي ويندي. ها جيڪڏهن اهو شخص غارِم يعني قرضدار آهي تہ انهي کي ايترو ڏيئي ڇڏڻ جو قرض ڪڍي ڪري ڪجهہ نہ بچي يا نصاب کان گهٽ بچي، بنا ڪراهيت جائز آهي . (بهار شريعت،حصو 5 ص 59)

## جنهن کي عُشر نٿو ڏيئي سگهجي

**سوال**: اُهي ڪهڙا ماڻهو آهن جن کي عشر نٿو ڏيئي سگهجي؟

**جواب**: عُشر جيئن تہ فصل جي پيداوار جي زڪوٰة جو نالو آهي انهي لاءِ جن کي زڪوٰة نٿي ڏيئي سگهجي انهن کي عشر بہ نٿو ڏيئي سگهجي . مثلاً

1. بني هاشم (يعني سيد سڳورن) کي زڪوٰة نٿي ڏيئي سگهجي پلي ڏيڻ وارو هاشمي هجي يا غير هاشمي . بني هاشم مان مراد حضرت علي و جعفر و عقيل ۽ حضرت عباس و حارث بن عبد المطلب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُم جي اولاد آهن. (بهار شريعت، حصو5، ص63)

2. پنهنجي اصل يعني ماءُ، پيءُ، ڏاڏو، ڏاڏي، نانا، ناني، وغيره ۽ جن جي اولاد ۾ هي (يعني زڪوٰة ڏيڻ وارو) آهي ۽ پنهنجي اولاد مثلاً پٽ، ڌيءُ، پوٽو، پوٽي، ڏوهٽو، ڏوهٽي، وغيره کي زڪوٰة نٿو ڏيئي سگهي . (ردالمحتار ڪتاب الزڪوٰة باب المصرف، ج 3، ص 344)

3. زال مڙس هڪٻئي کي زڪوٰة نٿا ڏيئي سگهن. اهڙي ئي طرح جيڪڏهن مڙس طلاق ڏيئي چڪو هجي ۽ عورت عدت ۾ هجي تہ مڙس انهي کي زڪوٰة نٿو ڏيئي سگهي ۽ جيڪڏهن عدت گذري چڪي هجي تہ زڪوٰة ڏيئي سگهي ٿو.

(الدرالمختار و رد المحتار ڪتاب الزڪوٰة باب المصرف ج 3 ص 345)

## مسجد جي امام کي عُشر ڏيڻ

**سوال**: ڇا مسجد جي امام کي عشر ڏيئي سگهجي ٿو؟

**جواب**: مسجد جا امام صاحب جيڪڏهن شرعي فقير نہ هجن يا سيد صاحب هجن تہ انهن کي عشر نٿو ڏيئي سگهجي ۽ جيڪڏهن اُهي شرعي فقير هجن ۽ سيد زاده نہ هجن تہ انهي کي عشر ڏئي سگهجي ٿو بلڪ جيڪڏهن اُهي عالم هجن تہ انهن کي ئي ڏيڻ افضل آهي. پر عالم کي ڏيندي وقت انهي ڳالھ جو لحاظ رکيو وڃي تہ انهن جو احترام پيش نظر هجي ۽ ڏيڻ وارو ادب سان ڳڌ ڏئي جيئن نذرانا وڏن کي ڪا شيءِ ڏين ٿا ۽ معاذالله عَزَّوَجَلَّ عالم دين کي ڏيڻ وقت جيڪڏهن دل ۾ حقارت آئي تہ اها هلاڪت بلڪ تمام وڏي هلاڪت آهي.

(بهار شريعت، حصو 5، ص63)

فتاويٰ عالمگيري ۾ آهي تہ ”فقير عالم تي صدقو ڪرڻ جاهل فقير تي صدقو ڪرڻ کان افضل آهي.“

(الفتاويٰ الهنديہ،ڪتاب الزڪٰوة،الباب السابع في المصارف،ج1،ص187)

**سوال**: مسجد جي امام کي بطور اُجرت عُشر ڏيڻ ڪئين؟

**جواب**: مسجد جي امام کي (بغير شرعي حيلي جي) بطور اُجرت عشر ڏيڻ جائز ناهي ڇوتہ مسجد مصارفِ زڪوٰة ۾ نہ آهي ۽ عشر جا احڪام اُهي ئي آهن جيڪي زڪوٰة جا آهن.

(ماخوذ من الفتاويٰ الهند يہ،ڪتاب الزڪٰوة، باب السابع في المصارف، ج1،ص188)

**مدينو**: فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام زڪوٰة (و عُشر) جو شرعي حيلو ڪرڻ جو طريقو ائين ارشاد فرمائن ٿا: فقير کي (زڪوٰة جي رقم جو) مالڪ ڪري ڇڏيو ۽ هُو (مسجد جي تعمير وغيره ۾) خرچ ڪري، اهڙي طرح ثواب ٻنهي کي ٿيندو. (ردالمحتار ج 3 ص 343)

وڌيڪ تفصيل جي لاءِ اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جو رسالو ”قضا نمازن جو طريقو“ جو مطالعو ڪريو.

## خريف جون فصلون، سبزيون ۽ ميوو

**خريف**: انهي مان مراد گرمي جي موسم جون فصلون آهن جنهن جي پوک گرمي جي موسم جي شروعات ۾ مارچ کان جون، جڏهن تہ ڪٽائي (يعني لاٻارو) گرمي جي موسم جي اختتام ۽ خزان (يعني سرءُ) ۾ آگسٽ کان نومبر تائين ٿيندي آهي.

**خريف جون خاص فصلون**: ڪپهہ، جوئر، ساريون (چانور)، ٻاجهر،

ڪاڄا، مڪئي، ڪمند ۽ سورج مکي خريف جون اهم خاص فصلون آهن دالين ۾ منگُن جي دال، ماش جي دال، ۽ چوئنرا خريف ۾ پوکيا ويندا آهن.

**سبزيون:** گرمين ۾ ڪدُو شريف، ميها، ڪريلا، پيندي، توري، پٽاٽا، ٽماٽر، گهيا توري، ساوا مرچ، شملہ مرچ، ڦودنو، ڪيرو، ونگو، ۽ اروي شامل آهن.

**ميوا:** اونهاري جي موسم ۾ گدرو، چاهين، انب، ڦاروا، ڄمون، ليچي، ليمون، زردالو، آڙُو، ڪجور، آلو بخارا، گرمون (يعني ڪاٺ گدرو) اناس،انگور۽ آلوچو (آلو بخاري جهڙو هڪ ڪٽو ميوو) شامل آهن.

## ربيع جون فصلون، سبزيون ۽ ميوا

**ربيع:** انهي مان مُراد سياري جي موسم جون فصلون آهن جنهن جي پوک سياري جي موسم جي شروعات ۾ آڪٽوبر کان ڊسمبر تائين ٿيندي آهي ۽ ڪٽائي سياري جي موسم جي اختتام ۽ بهار جي موسم ۾ جنوري کان اپريل تائين ٿيندي آهي.

**ربيع جون خاص فصلون:** ربيع جي خاص فصلن ۾ ڪڻڪ، چڻا، جوءَ، برسيم، ٽُوريو، اَهر (يعني رائي)، سرنهين ۽ لُوسڻ آهن دالين ۾ مَسُور جي دال، ربيع جي خاص فصل آهي.

**سبزيون:** انهي موسم ۾ ٿيندڙ سبزين ۾ گُل گوبي، بند گوبي، شلجم، گجر، چقندر، مٽر، بصر، ٿوم، مُوري، پالڪ (پاجي)، ڏاٽا

۽ مختلف قسم جا ساڳ ۽ ميٽي شامل آهن.

**ميوا:** ربيع جي ميون ۾ مالٽا، لوڪاٽ (زرد رنگ جو آلو جهڙو هڪ ڪٽو منو ميوو)، بير، زيتون، صُوف، چڪُو، ڏاڙهون، ناسپتي، انب، لوڪ (جاپاني ميوو)، سنگترو، پپيتو ۽ ناريل شامل آهن. عام طور تي ماڪي بہ ربيع جي فصل سان گڏ حاصل ڪئي ويندي آهي .

## دعوتِ اسلامي سان تعاون ڪريو

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قُرآن وسنت جي عالمگير تحريڪ دعوتِ اسلامي 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي. براءِ ڪرم! پنهنجي زڪوٰة و عُشر ۽ صدقا و خيرات دعوتِ اسلامي کي ڏيڻ سان گڏوگڏ پنهنجي رشتيدارن، پاڙيسرين ۽ دوستن تي بہ اِنفرادي ڪوشش فرمائي ڪري اُنهن جي زڪوٰة و عُشر ۽ ٻيا عطيات دعوتِ اسلامي جي مدني مرڪز تي پهچائي ڪري يا ڪنهن ذميدار اِسلامي ڀاءُ کي ڏيئي ڪري يا مدني مرڪز تي فون ڪري ڪنهن اِسلامي ڀاءُ کي طلب فرمائي ڪري اُنهن کي عنايت فرمائي ڇڏيو. الله عَزَّوَجَلَّ اوهان جو سِينو مدينو بڻائي.

اٰمين بِجاهِ النّبيِّ الاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي**
**بابُ المدينہ ڪراچي، پاڪستان فون نمبر:** 34921389-93
www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جون جهلڪيون

(1) **176 ملڪ:** اَلحَمدُلِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قُرآن و سُنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ ”دعوتِ اِسلامي“ تادمِ تحرير دُنيا جي تقريبًا 176 ملڪن ۾ پنهنجو پيغام پُهچائي چڪي آهي ۽ اڳيان سفر جاري آهي.

(2) **ڪافرن ۾ تبليغ:** لکين بي عمل مسلمان، نمازي ۽ سنتن جا عادي بڻجي چڪا آهن. مختلف ملڪن ۾ ڪافر به دعوت اسلامي جي مبلغن جي هٿان اسلام ۾ داخل ٿيڻ جو شرف حاصل ڪندا رهن ٿا.

(3) **مدني قافلا:** عاشقان رسول جا سنتن جي تربيت جا بيشمار مدني قافلا ملڪ ملڪ، شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ سفر ڪري علم دين ۽ سنتن جون بهارون لُٽائي رهيا آهن، ۽ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائي رهيا آهن.

(4) **مدني تربيت گاهون:** ڪيترين ئي جڳهين تي مدني تربيت گاهون قائم آهن جن ۾ ويجهي پري ڪان اسلامي ڀاءُ اچي ڪري ترسندا عاشقان رسول جي صحبت ۾ سنتن جي تربيت حاصل ڪندا ۽ پوءِ آس پاس وڃي ڪري ”نيڪي جي دعوت“ جا مدني گل مهڪائيندا آهن.

(5) **مسجدن جي تعمير:** جي لاءِ مجلس خُدامِ المساجد قائم آهي، ڪيترين ئي مسجدن جي تعميرات جو هر وقت سلسلو رهندو

آهي، ڪيترن ئي شهرن ۾ مدني مرڪز ”فيضان مدينہ“ جي تعميرات جو ڪم بہ جاري آهي.

(6) **آئمۂِ مساجد:** (مسجدن جا امام وغيره) بيشمار مسجدن جي امامن، مؤذنن ۽ خدمت ڪرڻ وارن جي مشاهري (يعني پگهارن) جي ادائگي جو بہ سلسلو آهي.

(7) **گونگا، ٻوڙا ۽ نابين:** انهن ۾ بہ مدني ڪم ٿي رهيو آهي ۽ انهن جا مدني قافلہ بہ سفر ڪندا رهندا آهن.

(8) **جيل خانہ:** قيدين جي تعليم ۽ تربيت جي لاءِ جيل خانن ۾ بہ مدني ڪم جي ترڪيب آهي. ڪيترائي ڌاڙيل ۽ عادي مجرم جيل جي اندر ٿيڻ وارن مدني ڪمن کان متاثر ٿي ڪري توبہ ڪري چڪا آهن ۽ آزادي ماڻڻ کان پوءِ عاشقان رسول سان گڏ مدني قافلن جا مسافر بڻجڻ ۽ سنتن ڀري زندگي گذارڻ جي سعادت ماڻي رهيا آهن، هٿيارن جي ذريعي بنا سوچي سمجهي انڌيون گوليون وسائڻ وارا هاڻي سنتن جا مدني گل وسائي رهيا آهن! مبلغن جي انفرادي ڪوشش جي ڪري ڪافر قيدي بہ اسلام ۾ داخل ٿيڻ جو شرف حاصل ڪري رهيا آهن .

(9) **اجتماعي اعتڪاف:** دنيا جي بيشمار مسجدن ۾ رَمضَانُ المُبارڪ جي آخري عشري (آخري ڏهن ڏينهن) ۾ اجتماعي اعتڪاف جو اهتمام ڪيو ويندو آهي. ان ۾ اسلامي ڀائر دين جو علم حاصل ڪندا آهن، سنتن جي تربيت ماڻيندا آهن، ۽ ڪيترائي اعتڪاف ڪندڙ چنڊ جي رات ئي کان عاشقان رسول سان گڏ

سنتن جي تربيت جي مدني قافلن جا مسافر بڻجي ويندا آهن.

(10) **اسلامي ڀينرون ۾ مدني انقلاب:** اسلامي ڀينرون جا ٻه شرعي پردي سان گڏ ڪيترين ئي جڳهين تي هفتيوار اجتماع ٿين ٿا. لاتعداد بي عمل اسلامي ڀينرون با عمل، نمازي ۽ مدني برقعن جون پابند بڻجي چڪيون آهن. دنيا جي مختلف ملڪن ۾ اڪثر گهرن جي اندر انهن جا تقريباً روزانو هزارين مدرسہ نالي ”مدرسة المدينہ“ (براءِ بالغات) به لڳايا ويندا آهن، هڪ اندازي جي مطابق صرف (باب المدينہ ڪراچي) ۾ اسلامي ڀينرون جا ٻه هزار مدرسہ تقريباً روزانو لڳن ٿا جن ۾ اسلامي ڀينرون قرآن پاڪ، نماز ۽ سنتن جي مفت تعليم حاصل ڪنديون ۽ دعائون ياد ڪنديون آهن.

(11) **مدني انعامات:** اسلامي ڀائرن، اسلامي ڀينرن ۽ شاگردن کي فرض و واجب، سنت و مُستحبات، ۽ اخلاقيات جو پابند بڻائڻ ۽ گناهن کان بچائڻ جي لاءِ مدني انعامات جي صورت ۾ هڪ نظامِ عمل ڏنو ويو آهي. بيشمار اسلامي ڀائر، اسلامي ڀينرون ۽ شاگرد مدني انعامات جي مطابق عمل ڪري روزانو سُمهڻ کان پهرين ”فڪرِ مدينہ“ يعني پنهنجي عملن جو جائزو وٺي ڪري رسالي ۾ ڏنل خانا پُر ڪندا آهن.

(12) **مدني مذاڪره:** وقت بوقت مدني مذاڪرن جي اجتماعن جو انعقاد به ٿيندو آهي جنهن ۾ عقيدي و عمل، شريعت و طريقت، تاريخ و سيرت، طبابت (يعني علاج معالجي) ۽ روحانيت

وغيره مختلف موضوعن تي پڇا ڪيل سوالن جا جواب ڏنا ويندا آهن. (اِهي جواب خود امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ارشاد فرمائيندا آهن . مجلس مڪتبة المدينہ)

(13) **روحاني علاج ۽ استخاره:** ڏکايل مسلمانن جو تعويذن جي ذريعي في سبيل الله علاج ڪيو ويندو آهي، ۽ استخاره ڪرڻ جو سلسلو بہ آهي. روزانو هزارين مسلمان ان مان فائدو حاصل ڪندا آهن.

(14) **حاجين جي تربيت:** حج جي موسمِ بهار ۾ حاجي ڪيمپن ۾ دعوت اسلامي جا مبلغ حاجين جي تربيت ڪندا آهن. حج ۽ زيارت مدينہء منوره ۾ رهنمائي جي لاءِ مديني جي مسافرن کي حج بابت ڪتاب "رَفيقُ الحَرمَين ۽ رَفيقُ المُعتَمِرين" بہ مفت پيش ڪيا ويندا آهن.

(15) **تعليمي ادارا:** تعليمي ادارن مثلاً ديني مدرسن، اسڪولن، ڪاليجن، ۽ يونيورسٽين جي استادن ۽ شاگردن کي مٺي مٺي آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن ڪان رُوشناس ڪرائڻ جي لاءِ بہ مدني ڪم ٿي رهيو آهي. بيشمار شاگرد سنتن ڀريي اجتماعن ۾ شرڪت ڪندا آهن ۽ مدني قافلن جا مسافر بہ بڻجندا رهندا آهن. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڪيترائي دنياوي علم جا شوقين بي عمل شاگرد، نمازي ۽ سنتن جا عادي ٿي ويا.

(16) **جامعة المدينہ:** تمام گهڻا جامعات نالي "جامعة المدينہ" قائم آهن انهن جي ذريعي بيشمار اسلامي ڀائرن کي (ضرورت جي

مطابق قيام ۽ طعام جي سهولتن سان گڏ) درسِ نظامي (يعني عالم ڪورس) ۽ اسلامي ڀينرون ڪي عالمہ ڪورس جي مفت تعليم ڏني ويندي آهي. اهلسنت جي مدرسن جي ملڪ گير اداري تنظيم المدارس (پاڪستان) جي طرفان ٿيندڙ امتحانن ۾ سالن کان تقريباً هر سال ”دعوت اسلامي“ جي جامعات جي شاگردن ۽ شاگرداڻين پاڪستان ۾ بهترين ڪاميابي حاصل ڪري اڪثر پهرين، ٻي، ۽ ٽي پوزيشن حاصل ڪندا آهن .

(17) **مدرَسۃُ المدينہ:** ملڪ جي اندر ۽ ٻاهر حِفظ ۽ ناظِره جا لاتعداد مدرسا نالي ”مدرَسۃُ المدينہ“ قائم آهن. پاڪستان ۾ هن وقت تائين لڳ ڀڳ 72000 (ٻاهتر هزار) مدني مُنن ۽ مدني مُنين کي حفظ ۽ ناظره جي مفت تعليم ڏني پئي وڃي.

(18) **مدرسة المدينہ** (بالغان): اهڙي ئي طرح مسجدن وغيره ۾ عام طور تي عشاء جي نماز کان پوءِ هزارين مدرسة المدينہ جي ترڪيب هوندي آهي جن ۾ اسلامي ڀائر صحيح مخارج سان حروف جي درست ادائگي سان گڏ قرآن ڪريم سکندا ۽ دعائون ياد ڪندا، نمازون وغيره درست ڪندا ۽ سنتن جي مفت تعليم حاصل ڪندا آهن.

(19) **شفا خانا:** محدود پيماني تي شفا خانا بہ قائم آهن جتي بيمار شاگردن ۽ مدني عملي (يعني اسٽاف) جو مفت علاج ڪيو ويندو آهي. ضرورتاً داخل بہ ڪندا آهن، ۽ ضرورت جي مطابق وڏن اسپتالن جي ذريعي بہ علاج جي ترڪيب بڻائي ويندي آهي.

(20) **تخَصُص فِي الفِقہ:** يعني ”مفتي ڪورس“ جو بہ سلسلو آهي جنهن ۾ ڪيترائي عُلماءِ ڪرام اِفتاء جي تربيت حاصل ڪري رهيا آهن.

(21) **دارُ الافتاء اهلسنت:** مسلمانن جي شرعي مسئلن جي حل جي لاءِ ڪيترائي ”دارُالافتاء“ قائم ڪيا ويا آهن جتي دعوت اسلامي جا مبلغ مفتي سڳورا، روبرو، تحريري ۽ خطن جي ذريعي شرعي مسئلن جو حل پيش ڪري رهيا آهن. گهڻو ڪري فتاويٰ ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ڪري ڏنا ويندا آهن .

(22) **انٽرنيٽ:** دعوت اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net جي ذريعي سڄي دنيا ۾ اسلام جو پيغام عام ڪيو پيو وڃي.

(23) **ASK THE IMAM:** دعوت اسلامي جي Website تي سڄي دنيا جي مسلمانن جي طرفان پڇيا ڪيل مسئلن جو حل ٻڌايو ويندو، ڪافرن جا اسلام تي اعتراضن جا جواب ڏنا ويندا ۽ اُنهن کي اسلام جي دعوت پيش ڪئي ويندي آهي .

(24، 25) **مڪتبة المدينہ ۽ المدينة العلميہ:** انهن ٻنهي ادارن جي ذريعي سرڪار اعليٰ حضرت ۽ ٻين اهلسنت جي عالمن جا ڪتاب ڇپجي ڪري لکن جي تعداد ۾ عوام جي هٿن ۾ پهچي ڪري سنتن جا گل ڦهلائي رهيا آهن. اَلحَمدُللهعَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي پنهنجو پريس بہ قائم ڪري ورتو آهي. ۽ سنتن ڀريي بيانن ۽ مَدَني مُذاڪرن جون لکين ڪيسٽون، بہ سڄي دنيا ۾ پهتيون ۽ پهچي رهيون آهن .

(26) **ڪتابن ۽ رسالن جي مجلِس تفتيش:** غير مُحتاط ڪتاب ڇپڻ جي سبب اُمت مسلمہ ۾ ڦهلجڻ واري گمراهي ۽ ٿيڻ وارن گناهہِ جاريہ جي سدِباب جي لاءِ ”ڪتابن ۽ رسالن جي مجلِس تفتيش“ بہ قائم آهي جيڪا مصنفن ۽ مؤلفن جي ڪتابن ڪي عقائد، ڪُفريات، اخلاقيات، عربي عبارتن ۽ فقهي مسئلن جي حوالي سان ملاحظہ ڪري سند جاري ڪري ٿي.

(27) **مختلف ڪورسز:** مبلغن جي تربيت جي لاءِ مختلف ڪورسز جو اهتمام ڪيو ويو آهي مثلاً 41 ڏينهن جو مدني قافلہ ڪورس، 63 ڏينهن جو تربيتي ڪورس، گونگن ۽ ٻوڙن جي لاءِ 30 ڏينهن جو تربيتي ڪورس، امامت ڪورس ۽ مُدرس ڪورس وغيره .

(28) **فيضانِ قرآن و سنت ڪورس:** اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي جي شاگردن، استادن ۽ اسٽاف ڪي ضرورياتِ دين ڪان واقف ڪرائڻ جي لاءِ پنهنجي نوعيت جو مُنفرد ”فيضان قرآن و سنت ڪورس“ بہ شروع ڪيو ويو آهي، اسلامي ڀينرون ۾ بہ اِهو ڪورس جاري آهي .

(29) **مجلسِ تراجم:** هن مجلس جي ذريعي مڪتبةُ المدينه تان شايع ٿيڻ وارن ڪتابن ۽ رسالن جو مختلف زبانن ۾ ترجمو ڪيو ويندو آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هن وقت دنيا جي تقريبًا 28 زبانن ۾ ترجمو ٿي رهيو آهي.

(30) **ٻاهرين ملڪ اجتماع:** دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ٻن ٻن ڏينهن جا سنّتن ڀريا اجتماع منعقد ڪيا ويندا آهن. جتي هزارين

مقامي اسلامي ڀاءُ شرڪت ڪندا آهن ۽ انهن اجتماعن جي برڪت سان وقتًا فوقتًا غير مسلم، مسلمان ٿي ويندا آهن، انهن اجتماعن مان هٿو هٿ مدني قافلا راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر اختيار ڪندا آهن.

(30) **تربيتي اجتماع:** ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ ۾ ذميداران جا ٻہ ٽي ڏينهن جا تربيتي اجتماع منعقد ڪيا ويندا آهن جنهن ۾ هزارين ذميداران شرڪت ڪري مدني ڪم کي وڌيڪ بهتر انداز ۾ ڪرڻ جو عزم ڪري موٽندا آهن.

(31) **مدني چينل:** هر شعور رکندڙ مسلمان هي ڄاڻي ٿو تہ اسان جي معاشري جي تباهي ۾ T.V جو تمام اهم ڪردار آهي! دعوتِ اسلامي جي مبلّغين T.V جي تباهہ ڪارين جي خلاف سني مهم هلائي پر خاطر خواهہ ڪاميابي نہ ماڻي، ڇو تہ هزار مان تقريبًا (999) ماڻهو T.V جا عادي ٿي چڪا آهن ۽ غالب اڪثريت دنيا و آخرت جي ڀلائي برائي جي پرواهہ ڪرڻ جي بغير T.V ڏسڻ ۾ مشغول آهي، غالب گمان اهو ئي آهي تہ مسلمانن جي گهرن مان T.V ڪيرائڻ ممڪن ناهي بس هڪ ئي صورت نظر آئي ۽ اها هي تہ جهڙي طرح دريا ۾ موج اچي ٿي تہ انهي جو رخ فصلن وغيره جي طرف موڙي ڇڏيو ويندو آهي تہ جئين فصل بہ سيراب ٿين ۽ آبادين کي بہ هلاڪت کان بچايو سگهي، بلڪل انهي طرح T.V ئي جي ذريعي مسلمانن جي گهرن ۾ داخل ٿيو وڃي ۽ انهن کي غفلت جي ننڊ مان بيدار

ڪيو وڃي ۽ گناهن ۽ گمراهين جي سيلاب کان انهن کي خبردار ڪيو وڃي. تنهنڪري جڏهن خبر پئي ته پنهنجو T.V چينل کولي ڪري فلمن ڊرامن، گانن باجن، موسيقي جي ڌُنن ۽ عورتن جي نمائش کان بچندي 100 فيصدي اسلامي مواد فراهم ڪرڻ ممڪن آهي ته اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شُوريٰ خوب جدوجهد ڪري رمضانُ المبارڪ 1429هه (2008) کان مدني چينل جي ذريعي گهر گهر سنّتن جو پيغام عام ڪرڻ شروع ڪري ڏنو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي انهي جا حيرت انگيز مدني نتيجا اچڻ لڳا. يقينًا انهي جي اها برڪت ته بار به سمجهي سگهي ٿو ته جيستائين مدني چينل گهر يا دفتر وغيره جي T.V ۾ آن رهندو گهٽ ۾ گهٽ انهي وقت ته مسلمان بين گناهن ڀريل چينلز کان بچيا رهندا. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان جي توقع کان وڌيڪ مدني چينل کي ڪاميابي ملي رهي آهي، ۽ دنيا جي مختلف مقامن تان روزانو هزارين مبارڪبادين ۽ حوصله افزاين جا پيغام وصول ٿي رهيا آهن. انهن پيغامن ۾ هن طرح جون ڳالهيون به هونديون آهن ته اسان مدني چينل ڏسي ڪري گناهن کان توبه ڪري ورتي آهي اسان نمازي ۽ سنّتن جا آئينه دار بڻجندا پيا وڃون، بلڪ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڪافرن جي اسلام آڻڻ جون بهارون وصول ٿي رهيون آهن.

(32) **مدرسة المدينه (آن لائن):** اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ! شَوالُ المُڪرَّم 1432 ه بمطابق سيپٽمبر 2011 مجلس مدرسة المدينه (آن لائن) جو قيام

عمل ۾ آندو ويو. انهي شعبي جي تحت دنيا جي مختلف ملڪن ڪان اسلامي ڀائر انٽرنيٽ جي ذريعي نہ صرف مخارج سان گڏ في سبيل الله قرآن پاڪ پڙهڻ سڪندا آهن بلڪ انهن کي بنيادي اسلامي معلومات، وضو، غسل، تيمم، اذان، نماز، زڪوٰة، روزو ۽ حج وغيره جا احڪام سيکارڻ جي ترڪيب بہ آهي .

(31) **دارالمدينہ:** اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ! دارالمدينه جي نالي سان 25 صَفر المُظفر 1432 ھ بمطابق 31 جنوري 2011 ء تي هڪ بيو انتهائي اهم شعبو قائم ٿيو جنهن جو مقصد اُمت مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نوجوان نسل کي سنتن جو پيڪر بڻائيندي ديني ۽ دنياوي تعليم سان آراستہ ڪرڻ آهي.

## ماخذ ۽ مراجع


1- القران الكريم: المكتبة المدينة.
2- صحيح البخاري: دار الكتب العلمية بيروت.
3- صحيح المسلم: دار ابن حزم.
4- مراسيل أبي داؤد: دار إحياء التراث العربي بيروت.
5- المعجم الاوسط: دار إحياء التراث العربي بيروت.
6- درمختار مع ردالمحتار دارالمعرفة بيروت
7- كنزالعمال دار الكتب العلمية بيروت.
8- فردوس الاخبار دار الفكر بيروت
9- الفتاوى الهندية: دار الفكر بيروت
10- الفتاوي الخانية: پشاور.
11- البحرالرائق ڪوئيٽه
12- الفتاوى الرضوية: رضا فاؤنڊيشن لاهور
13- بهار شريعت مڪتبه رضويه
14- بدائع الصنائع دار الفكر بيروت

